هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

4th August 2016 (SINDHI)

رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه

## صدر الشريعہ
## جون ديني خدمتون



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# صدرُ الشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جون ديني خدمتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

نبي اڪرم، نورِ مُجَسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعظّم آهي: جنهن مون تي 100 ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ اُن جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ اهو نِفاق ۽ جهنّم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ اُن کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.[1]

اپنے خطا واروں کو اپنے ہی دامن میں لو
ون کرے یہ بھلا تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...مَجْمَعُ الزَّوَائِد،كتاب الادعية،باب فى الصلاة على النبى ...الخ،۱۰/۲۵۳حديث :۱۷۲۹۸



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله ، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذيعقده جي مهيني جي آمد آمد آهي، هن مبارڪ مهيني جي 2 تاريخ تي عالمِ اسلام جي هڪ عظيم هستي جو عُرس ملهايو ويندو آهي، اها عظيم هستي ڪير آهي؟ اها عظيم هستي صدرُ الشّريعه، بدرُ الطّريقه حضرت علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه آهن.



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون بہ نِيت ڪريان تو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّكَ بِا لۡحِکۡمَۃِ وَ الۡمَوۡ عِظَۃِ الۡحَسَنَۃِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

## صدرالشّريعہ جي شان ۽ عظمت جون ڪجھ جهلڪيون

☜صدر الشّريعہ جي شان ۽ عظمت جو اندازو هن ڳالھ مان بہ ٿئي ٿو جو سيدي اعليٰ حضرت جهڙي مجدّدِ دِين وملّت،امامِ اهلسنّت اوهان کي هند جو قاضي اسلام مقرر فرمايو.

☜ صدر الشّريعہ جي شان ۽ عظمت جو اندازو هن ڳالھ مان بہ لڳايو جو اعليٰ حضرت اوهان کي پنهنجي خلافت عطا فرمائي هئي.



www.dawateislami.net

☜صدر الشّريعه مُرشد جي آستاني جا وفادار هئا.

☜صدر الشّريعه ننڍن ٻارن تي نهايت شفيق ۽ مهربان هئا.

☜صدر الشّريعه سنّت تي عمل ڪندي گهر جو ڪم ڪار انتهائي مصروفيت جي باوجود پاڻ پنهنجي هٿن سان ڪندا هئا.

☜نبي پاڪ،صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنّتن تي سختي سان عمل ڪندا هئا.

جن کی ہر ہر ادا سُنتِ مصطفی
ایسے صدر الشّریعہ پہ لاکھوں سلام

☜سندن خصوصيتن مان اهو به هو جو پاڻ گهر يا ٻاهر ڪڏهن به نماز قضا نه ڪندا هئا، شديد بيماري ۾ به نماز جي پابندي ڪندا هئا.

☜ باجماعت نماز جو اهڙو جذبو هو جو مرحبا! جيڪڏهن ڪڏهن مؤذن مقرر وقت کان ليٽ تي ويندو هو پاڻ ئي اذان ڏيندا هئا.

☜روزن سان اهڙي محبت هئي جو سخت بيماري ۾ به روزا نه ڇڏيندا هئا.

☜ڪيتري ئي مصروفيت چو نه هجي فجر نماز کان پوءِ قرآنِ پاڪ جي هڪ سيپاري جي تلاوت ڪندا هئا.

☜ جمعي نماز کان پوءِ بِلاناغه 100 ڀيرا دُرودِ رضويه پڙهندا هئا.

☜پنهنجي اولاد ۽ شاگردن جي عملي تعليم ۽ تربيت جو خصوصي خيال ڪندا هئا.

☜صدر الشّريعه، خليفه اعليٰ حضرت اهڙا عاشقِ رسول هئا، جڏهن نعت شريف ٻڌندا هئا ته ادب طور ٻيئي هٿ ٻڌي اکيون بند ڪندا هئا ۽ اکين مان عشقِ رسول ۾ لڙڪ وهڻ لڳندا هئا.



www.dawateislami.net

☜سندن وفات سفرِ مدينہ ۾ ٿي.

☜سندن مبارڪ مزار مان پاڪيزه خوشبو ڪيئي ڏينهن تائين محسوس ڪئي وئي.

☜سندن نهايت وڏو علمي ڪارنامو هي آهي تہ پاڻ اُمّتِ مصطفي کي عالم بنائڻ وارو ڪتاب يعني ’’بهارِ شريعت‘‘ عطا ڪيو.

جس کے دم سے بہارِ شریعت ملی
ایسے صدرِ شریعت پہ لاکھوں سلام

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان ”صدرُ الشَّريعه جون دِيني خدمتون“ جي موضوع جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين پر اڇو! هن کان پهريان صدرُ الشريعہ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه جو مختصر تعارف ٻڌون ٿا

صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرت علاّمہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه ١٣٠٠ھ مطابق 1882ع ۾ اوپر يو پي (هند) جي علائقي مدينةُ العُلَماء گهوسي ۾ پيدا ٿيا . سندن والدِ ماجد حڪيم جمالُ الدّين رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه ۽ ڏاڏا حُضُور خُدا بخش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فَنّ طِبّ جا ماهر هئا. اِبتدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي حضرت مولانا خُدا بخش رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه کان گهر ۾ حاصل ڪئي پوءِ پنهنجي علائقي ئي ۾ مدرَسہ ناصرُ العلوم ۾ وڃي مولانا الٰهي بخش صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان ڪجهہ تعليم حاصل ڪئي. پوءِ جُون پورپهتا ۽ پنهنجي سوٽ ۽ اُستاد مولانا محمد صديق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان ڪجهہ اَسباق پڙهيا پوءِ استاذُ العُلَماء حضرت علاّمہ هدايتُ الله خان رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه کان علمِ دين جي وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي ۽ هتان کان درسِ نظامي جي تعليم مڪمل ڪئي . پوءِ دوره، حديث جي تڪميل پيلي ڀيت ۾ اُستاذُ الْمُحَدّثِين



www.dawateislami.net

حضرت مولانا وصي احمد مُحَدّثِ سُورَتي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڻان ڪئي.حضرت مُحَدّثِ سُورَتي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي لائق شاگرد جي اعليٰ صلاحيتن جو اعترَاف هنن لفظن ۾ ڪيو:”مون کان جيڪڏهن ڪنهن پڙهيو آهي ته اهو امجد علي آهي“۔

(تذکره صدرُ الشريعه،ص۵بتغير)

مُصنِّف بھی، مُقرِّر بھی، فَقیہِ عصرِ حاضِر بھی
وہ اپنے آپ میں تھا اِک اِدارہ عِلْم و حکمت کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صدرُالشريعہ جو علمي ڪارنامو

صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرت علاّمہ مولانا مُفتي محمد اَمجد علي اعظمي رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو پاڪ ۽ هند جي مسلمانن تي نهايت وڏو احسان آهي جو انهن ضخيم (وڏن وڏن) عربي ڪتابن ۾ پکڙيل فقهي مسئلن کي تحرير جي لڙي ۾ پوئي هڪ هنڌ گڏ ڪيو آهي. انسان جي پيدائش کان وٺي وفات تائين پيش ايندڙ هزارين مسئلن جو بيان ”بهارِ شريعت“ ۾ موجود آهي.انهن مان بي شمار مسئلا اهڙا پڻ آهن جنهن جو سکڻ هر اسلامي ڀاء ۽ اسلامي ڀيڻ تي فرضِ عَين آهي. بهارِ شريعت لکڻ جا سبب بيان ڪندي صدر الشريعہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا: اُردو زبان ۾ اجا تائين ڪو اهڙو ڪتاب تصنيف ناهي ٿيو، جيڪو صحيح مسائل تي مشتمل هجي ۽ ضَروريات جي لاءِ ڪافي ۽ وافي هجي. فقہ حنفي جو مشهور ڪتاب"فتاويٰ عالمگيري"سوين عالم سڳورن عَلَيْهِم رَحْمَةُ اللّٰهِ الْمُبِين حضرت سيدُنا شيخ نظام الدّين مُلّا جِيوَن رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نگراني ۾ عَرَبي زَبان ۾ مُرَتَّب فرمايو پر قُربان وڃون صدرُ الشَّريعہ رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه تي جن اهو ئي ڪم اُردو زبان ۾ اڪيلي ئي



www.dawateislami.net

ڪري ڏيڪاريو ۽ مختلف اسلامي ڪتابن مان اهي مسائل چُونڊي چُونڊي بهارِ شريعت ۾ شامل ڪيا، جن تي فتوي ڏنو ويندو آهي نيز سوين آيتن ۽ هزارين حديثون بہ مُوضوع جي مناسَبَت سان لکيون آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تحديثِ نعمت جي طور تي خود ارشاد فرمائن ٿا: جيڪڏهن اورَنگزيب عالمگيربادشاه هن ڪتاب (يعني بهارِ شريعت) کي ڏسن ها تہ مون کي سون ۾ تورن ها.

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو مقصد هي هو تہ ننڍي کنڊ جا مسلمان پنهنجي دِين جي مسئلن کان بآساني باخبر ٿين جيئن هڪ بي هنڌ تي تحرير فرمائن ٿا: هن ڪتاب ۾ جيترو ممڪن ٿيو اها ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ عبارت نهايت آسان هجي جو سمجهڻ ۾ دِقَّت(يعني مشڪل) نہ ٿئي ۽ گهٽ علم (حضرات) ۽ عورَتون ۽ ٻار بہ هن مان فائدو حاصل ڪري سگهن. پوءِ بہ علم نهايت ڏکي شيء آهي، اهو مُمڪن ناهي تہ علمي دُشواريون بلڪل ويندٻون هليون ضَرور ڪيئي هنڌ اهڙا بہ رهندا جيڪي اهلِ علم وٽان سمجهڻ جي حاجت ٿيندي، گهٽ مان گهٽ ايترو نَفعو ضَرور ٿيندو جو هن جو بيان انهن کي مُتَنَبِّہ (يعني خبردار) ڪندو ۽ نہ سمجهڻ، سمجھ وارن ڏانهن رُجوع جو توجُّہ ڏياريندو.

بهارِ شريعت جي هن عظيم عِلمي ذَخيري کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مجلس اَلْمَدِينَةُ الْعِلْمِية جي مدني عالمن تَخريج ۽ تسهيل ۽ ڪٿي ڪٿي حَواشي لکڻ جي بہ ڪوشش ڪئي آهي ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪمل ڪتاب مڪتبةُ المدينه تان شائع ٿي منظرِ عام تي بہ اچي چڪو آهي. سادو ايڊيشن ٽن (3) جلدن ۾ ۽ رنگين جهيز ايڊيشن ڇھ(6) جلدن ۾ مڪتبةُ المدينه تان هديةً حاصل ڪري سگهجي ٿو . هن جي علاوه دعوتِ اسلامي



www.dawateislami.net

جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

اهو ڪتاب 27 سالن ۾ لکيو ويو، ياد رهي تہ 27 سالن جو هي مطلب ناهي تہ پاڻ رَحْمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَیْہ هنن سالن ۾، هر وقت تصنيف ۾ مشغول رهيا بلڪ موڪلن ۾ بين ڪمن کان وقت بچائي اهو ڪتاب لکيو، جنهن سبب هن جي تڪميل ۾ خاصي تاخير ٿي وئي جيئن پاڻ (رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ) بهارِ شريعت جي حصّہ17 جي اختِتام تي لکن ٿا: هن جي تصنيف ۾ عُمُوماً اهو ئي ٿيو جو رمضان المبارڪ جي تعطيلات (يعني موڪلن) ۾ جيڪو ڪجھ بين ڪمن مان وقت بچندو، ان ۾ ڪجھ لکبو هو. (تذڪره صدرُ الشريعه،ص44 تا 47 بتغير قليل)

رِسالي "تذڪرۀ صدرُ الشّريعه" ۾ آهي جنهن جو خُلاصو هي آهي تہ: صدرُ الشَّريعہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ مسائلِ شرعِيہ کي بهارِ شريعت جي20 حِصّن ۾ مڪمل ڪرڻ چاهيو ٿي پر مڪمَّل نہ ڪري سگهيا ۽ اها وصيت فرمائي تہ جيڪڏهن منهنجي اولاد يا شاگردن يا عُلَماءِ اهلسنّت مان ڪو صاحِب هن جو قليل حصّو جيڪو باقي رهجي ويو آهي، هن جي تڪميل ڪن تہ منهنجي عَين خوشي آهي پوءِ صدرُ الشّريعہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو خواب شرمنده ۀ تعبير (يعني پورا) ٿيو ۽ هن جا باقي ٿي (3) حصّا بہ ڇپجي منظر عام تي اچي چڪا آهن. (تذڪره صدرُ الشريعه،ص48)

صدرُ الشريعہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي پير و مُرشد يعني اعليٰ حضرت،امام اهلسنّت مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ بهار ِشريعت جي جڏهن ٻئي ٽئي ۽ چوٿين حصي جو مُطالَعو فرمايو تہ ڪجھ تعريفي جملا لکڻ کان پوءِ



www.dawateislami.net

لکيائون تہ اڄڪلھ اهڙي ڪتاب جي ضَرورت هئي جو عوام آسان اُردو ۾ صحيح مسئلا ڏسن. (بهارِشريعت،حصه دوم،۱/۴۱۴)

آپ کي تصنيف نے مُسْتَغْنِی ھم کو کردیا | غير کے آگے جبينِ اہلسنت خم نہيں
ہر طرف علم و ہنر کا آپ سے دريا بہا | آپ کا احسان اے صدرُ الشَّريعہ کم نہيں

(ماهنامه اشرفيه، صدرُ الشريعه نمبر،ص۲۸۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللہ عَزَّوَجَلَّ!ٻڌو توهان خليفهٔ اعليٰ حضرت، صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرت علّامہ مولانا مفتي محمدامجد علي اعظمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي مُبارڪ دِل ۾ دينِ اِسلام جي خدمت،اُمَّت جي لاءِ آساني ۽ مسلمانن جي شرعي رهنمائي جو جذبو ڪيتري قدر وڌيڪ هو جو اهي شرعي مسائل جيڪي وڏن وڏن عربي ڪتابن ۾ پوشيده ۽ عام مسلمانن بلڪ خواص تائين جي پهنچ کان گهڻو پري هئا، وڏا وڏا عالم بطورِ دليل جن کي پنهنجي فتاويٰ جات جي زِينت بڻائيندا هئا. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ صدرُالشريعہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ گهڻين مصروفتن جي باوجود پنهنجي زندگي جو قِيمتي وقت تمام گهڻا ضروري مسئلن کي گڏ ڪري ڪتابي شڪل ڏيڻ جي جدو جهد ۾ وقف فرمائي ڇڏيو، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي هن حيرت انگيز ۽ قابلِ رشڪ ڪارنامي نہ صرف اسلام ۽ سُنّيت جو ڳاٽ فخر وچان بلند ڪري ڇڏيو بلڪ شريعتِ مطهره ۽ بزرگانِ دِين جي فيضان کي سڄي دنيا ۾ عام ڪري پياري آقا، مڪي مدني مُصْطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اُمّت تي اهو عظيم احسان فرمايو آهي جو جنهن جو بدلو ڪڏهن بہ نٿو ادا ڪري سگهجي. ايتري قدر گهٽ عرصي ۾ ايتري عظيم الشّان دِيني خدمت سر انجام ڏيڻ تہ اهو چئي



www.dawateislami.net

سگهجي ٿو تہ پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡهجو شُمار اُنهن خُوش قسمت هستين ۾ ٿئي ٿو جن جي سرن تي الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي دِين جي سمجهہ جو تاج سجائي مذهبِ اسلام جي خدمت جي لاءِ چُونڊي ورتو آهي جيئن

مُحَمَّدرسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجن ارشاد فرمايو: مَنۡ يُّرِدِ اللهُ بِهٖ خَيۡرًا يُّفَقِّهۡهُ فِي الدِّيۡنِ يعني الله عَزَّوَجَلَّ جنهن سان ڀلائي جو اِرادو فرمائي ٿو، ان کي دِين جي سمجهہ عطا ڪندو آهي. (بخاری، کتاب العلم،باب من یرد اللہ بہ خیرا... ا لخ،حدیث: ۷۱، ۴۳/۱)

مُفَسّرِ شهير،حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هن حديث جي شرح ۾ فرمائن ٿا: يعني ان کي دِيني علم، دِيني سمجهہ ۽ دانائي بخشيندو آهي. هن حديث مان بہ مسئلا ثابت ٿيا هڪ اهو تہ قرآن ۽ حديث جو ترجمو ۽ الفاظ رَٽڻ علمِ دين ناهي بلڪ انهن جو سمجهڻ علمِ دين آهي. اهو ئي مشڪل آهي. ان ڪري فقهاء ڪرام رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡهِم اَجۡمَعِيۡن جي تقليد ڪئي ويندي آهي. انهيءَ ڪري تمام مُفَسِّر ۽ مُحَدِّث، اِئمَّ مُجۡتَهِدِن رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡهِم اَجۡمَعِيۡن جا مُقَلِّد ٿيا ۽ حديث جي سمجهہ بُوجهہ تي ناز ڪرڻ وارا نہ ٿيا. ٻيو اهو تہ قرآن ۽ حديث جو علم ڪمال ناهي، بلڪ ان جو سمجهڻ ڪمال آهي. عالمِ دين اهو آهي جنهن جي زبان تي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان هجي ۽ دل ۾ ان جو فيضان هجي، فرمان سان گڏوگڏ فيضان بہ ضروري آهي، جيئن بجلي جي فٽنگ سان گڏوگڏ پاور ضروري آهي.
(مرآة المناجيح،۱۸۷/۱ملتقطا وبتغير قليل)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منامنا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن صدرُ الشريعہ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡهجي سيرت تي



www.dawateislami.net

سرسري نظر وجهون تہ اها حقيقت روشن ڏينهن جيان اسان تي واضح ٿي ويندي تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جا ڏينهن رات دين ۽ قرآن و حديث جي خدمت ۽ مسلڪ اعليٰ حضرت کي ڦهلائڻ ۾ گذريا ۽ اسلام جي سربلندي ۽ اُمّت جي خير خواهي پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي مقصدن ۾ شامل رهي، انهيءَ مدني جذبي اوهان کي هن ڳالهہ تي اياريو تہ مسلمانن جي هٿن ۾ اللّٰہ تعاليٰ جي پاڪيزه ڪلام قرآنِ ڪريم جو ڪو اهڙو ترجمو هئڻ گهرجي جو جنهن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڪنهن قسم جي دُشواري محسوس نہ ٿئي، ان کي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ واري جي دل ۾ خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصْطَفٰي جو اضافو ٿئي، جو ذاتِ باري تعاليٰ جي تقدس، انبياءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلام جي شان وعظمت ۽ ان جي ناموس جي حفاظت جو حقيقي ترجمان نيز صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عظام رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِم اَجْمَعِیْن جهڙين مقدس هستين جي عظمت ۽ رفعت ۽ انهن جي مقام ۽ مرتبي جو سچو محافظ ۽ پاسبان هجي، لهٰذا خدمتِ دين ۽ مسلمانن جي خير خواهي جي هن مُبارڪ جذبي تحت صدرُ الشريعہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پنهنجي پير و مرشد ۽ وقت جي مُجَدّد يعني اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي بارگاه ۾ مقدس هستين جي ناموس جو محافظ ترجَمہ قرآن تحرير ڪرڻ جي درخواست پيش ڪئي،

## ترجَمۂِ ڪنزالايمان

شيخ طريقت،امير اهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطارقادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ پنهنجي رسالي ”تذڪرۂ صدرُ الشريعه“جي صفحي نمبر17۽ 18 تي ترجَمہ قرآن جي باري ۾ صدرُ الشّريعہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي دِيني خدمتن جو تذڪرو ڪندي، تحرير



www.dawateislami.net

فرمائن ٿا: صحيح ۽ غلطين کان پاڪ احاديثِ نَبوِيہ ۽ اقوالِ ائمہ جي مطابِق هڪ ترجَمي جي ضَرورت محسوس ڪندي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ترجَمہ قرآن پاڪ جي لاءِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بارگاہِ عظمت ۾ درخواست پيش ڪئي تہ ارشاد فرمايائون: اهو تہ نهايت ضَروري آهي پر ڇپجڻ جي ڪهڙي صورت ٿيندي؟ هن جي طَباعت (يعني ان کي ڇاپڻ) جو ڪير اهتِمام ڪندو؟ باوُضو ڪاپين کي لکڻ، باوُضو ڪاپين ۾ اکرن کي درست ڪرڻ ۽ درستي بہ اهڙي هجي جو اِعراب نُقطا يا علامتن جي بہ غلطي نہ رهجي وڃي پوءِ اهي سڀ شيون ٽيڻ کان پوءِ سڀ کان وڏي مشڪل تہ هي آهي تہ پريس(Press) ۾ هر وقت باوُضو رهي، بغير وُضو نہ پتر کي ڇهوئي ۽ نہ ڪٽي، پتر ڪٽڻ ۾ بہ احتياط ڪيو وڃي ۽ ڇپجڻ ۾ جيڪي جوڙيون نڪريون آهن، انهن کي نهايت احتياط سان رکيو وڃي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عرض ڪيو: اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ جيڪي ڳالهيون ضروري آهن، انهن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشِش ڪئي ويندي، بِالفرض مجبوري وڃي تہ اسان کان ائين نہ ٿي سگهيو تہ جڏنهن هڪ شيءِ موجود آهي تہ ٿي سگهي ٿو آئنده ڪو شخص هن جي ڇپڻ جو انتِظام ڪري ۽ مخلوقِ خدا کي فائدو پهچائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ جيڪڏهن هن وقت اهو ڪم نہ ٿي سگهيو تہ آئنده ان جي نہ ٿيڻ جو اسان کي وڏو افسوس ٿيندو. اوهان جي هن گُزارش کان پوءِ ترجمي جو ڪم شروع ڪيو ويو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نيڪ ڪوششن سان خاطر خواه ڪاميابي ٿي ۽ اڄ مسلمانن جو وڏو تعداد مجدّد اعظم، امامِ اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڪيل قرآنِ پاڪ جي صحيح ترجمہ ”ترجَمۀ ڪنزالايمان“کان مُستفيد ٿي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه (يعني صدرُالشريعه) جي اِحسان مند آهن ۽



www.dawateislami.net

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اهو سلسلو قِيامت تائين جاري رهندو.

گر اہلِ چمن فخر کریں اس پہ بجا ہے — امجد تھا گلابِ چمنِ دانش و حکمت

(تذکرۂ صدرُ الشریعہ،ص۱۷تا ۱۹)

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ صدرُ الشّريعہ رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ مسلمانن کي فيضانِ قرآن سان سيراب ڪرڻ ۽ دينِ متين جي سلامتي برقرار رکڻ جي لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون ڏنيون آهن، هن عاليشان ڪارنامي جي بدولت پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي باري ۾ اهو چوڻ بلڪل درست ٿيندو تہ پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي ذات مسلمانن جي لاءِ ڪنهن عظيم نعمت کان گهٽ نہ هئي ڇوتہ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي مسلسل ڪوشش ئي جو تہ نتيجو هو جو اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جهڙي مصروف ترين شخصيت کي پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ قرآن جي ترجمي جي لاءِ قائل ڪري ورتو ۽ قربان وڃون اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ تي جو پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪوڙ ديني مصروفيتن جي باوجود اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پاڪيزه ڪلام جي خدمت، مسلمانن جي خير خواهي ۽ پنهنجي من پسند خليفي جي دِلجوئي ڪندي پنهنجي قيمتي مصروفيتن مان وقت ڪڍي هن ڪم جي لاءِ آمادگي جو اظهار فرمايو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪرم نوازي، اعليٰ حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي خاص توجہ ۽ صدرُ الشريعہ رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي مهرباني سان تاريخ جو اهو عمده ترين ترجمہ قرآن بنام"ڪنز الايمان" اسان تائين پهتو جنهن تي اسان جي ايندڙ نسل کي پڻ فخر رهندو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني قافلہ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صدرُ الشريعہ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي رُوحاني فيض ۽ برڪتن سان مالا مال ٿيڻ جي لاءِ دعوتِ اِسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان ماهوار هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني قافِلہ“ بہ آهي. مدني قافلن جو هڪ مقصد مسجدن جي آباد ڪاري بہ آهي ۽ مسجدن کي آباد ڪرڻ وارن جي باري ۾ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي تہ بيشڪ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي گھرن کي آباد ڪرڻ وارا ئي اللہ عَزَّ وَجَلَّ وارا آهن. (معجم اوسط، ۵۸/۲، رقم:۲۵۰۲) اچو! ترغيب جي لاءِ مَدَني قافِلي جي هڪ مَدَني بهار پڙهون ٿا جيئن

## دل جو مريض تندرست ٿي ويو

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاء جي دل جون ﭘ ناليون بند هيون، ڊاڪٽر اينجيو گرافي (اين.جي.يو.گِرا.فِي) جو مشورو ڏنو. هڪ ڏينهن هڪ اسلامي ڀاء انهن کي سنّتن جي تربيت جي مدني قافِلي ۾ سفر ڪري اتي دعا گھرڻ جي ترغيب ڏياري، پوءِ اهو 3 ڏينهن جي مَدَني قافِلي جو مسافر بڻجي ويو، واپسي تي جڏهن ٽيسٽ ڪرايو ويو تہ تمام رَپورٽون دُرُست هيون، ڊاڪٽر حيرت وچان پڇيو: آخر اهو ڪيئن ٿيو؟ جواب ڏنو، اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مَدَني قافِلي ۾ سفر ڪري دعا ڪرڻ جي بَرَڪت سان مون کي دل جي مُهلِڪ مرض مان نَجات مل وئي.

ہے شفا ہی شفا، مرحبا! مرحبا! | آ کے خود دیکھ لیں، قافلے میں چلو
دل میں گر دَرْد ہو ڈر سے رُخ زَرْد ہو | پاؤ گے فرحتیں قافلے میں چلو

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۶۷۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ صدرُالشّريعہ رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي زندگي اسان جي لاءِ هڪ بهترين آئيڊيل آهي ڇوته پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جو ڪو لمحو بہ دِين ۽ سُنّتن جي خدمت، علمِ دِين جي اِشاعت ۽ اسلام جي سربلندي جي ڪوشش کان خالي نہ گذرندو هو ان سان گڏوگڏ اللّٰه تعاليٰ پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي وقت ۽ قلم ۾ نهايت برڪت عطا فرمائي هئي ان ڪري اهو ئي سبب هو جو سڄو سڄو ڏينهن نيڪي جي ڪمن ۾ مصروف رهڻ جي باوجود بہ پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ چاق وچوبند رهندا هئا، ياد رهي! پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ ڪنهن لالچ ۾ اچي اهي ڪم سرانجام نہ ڏيندا هئا بلڪ صرف ۽ صرف رضاءِ الٰهي ئي پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي پيشِ نظر هوندي هئي جيئن فجر نماز کان پوءِ پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي ديني معمولات جو آغاز ٿيندو هو تہ رات تائين جاري ۽ ساري رهندو هو ايستائين جو آرام ڪندي ڪندي رات جا بہ (2) ٿي ويندا هئا، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي انهي قدر لائق خدمتن جي صِلہ ۾ اللّٰه تعاليٰ پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کي ان مقام ۽ مرتبي سان نوازيو جو پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي نوڪ قلم سان تحرير ڪيل ڪتاب خاص ڪري ”بهارِ شريعت “ جي فيضان سان عوام ۽ خواص جو هڪ وڏو تعداد فيض ياب ٿي رهيو آهي نيز برادرِ اعليٰ حضرت ننها ميان مولانا محمد رضا خان رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ تہ پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي ديني خدمت جي جذبي کان ايتري قدر متاثر هئا جو خوش ٿي صدرُ الشريعہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي شانِ عاليشان ۾ اهو قابلِ تحسين تاريخي جملو ارشاد فرمايو: ”مولانا امجد علي ته ڪم جي مشين آهن ۽ اهو به اهڙي مشين جيڪو ڪڏهن فيل نه ٿئي۔“

اچو! هاڻ صدرُ الشريعہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي مصروف ترين مدني جدول ۽ مَدِينۃُ الۡمُرشِد بريلي شريف ۾ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي مصروفيتن جون ڪجهه



www.dawateislami.net

جهلڪيون ﭘڌون ٿا تہ جيئن اسان جي اندر بہ دِيني ڪمن ۾ حصو وٺڻ جي تڙپ پيدا ٿئي جيئن

## روزانو جو جَدوَل

شيخِ طريقت،امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”تذکرۂ صدرُ الشريعه“ ۾ نقل فرمائن ٿا: صدرُ الشَّريعہ، بدرُالطَّريقہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو روزانو جو جَدْوَل ڪجهہ هن طرح هو جو فجر نماز کان پوءِ ضَروري وظائف ۽ تلاوتِ قرآن کان پوءِ ڪلاڪ ڏيڍ ڪلاڪ پريس جو ڪم ڪندا هئا. پوءِ فوراً مدرَسي وڃي تدريس ڪندا هئا. ٻنپهرن جي ڪاڌي کان پوءِ پريس جو ڪم ڪندا هئا. نمازِ ظهر کان پوءِ عَصر تائين وري مدرَسي ۾ تعليم ڏيندا هئا. نمازِ عصر کان پوءِ مغرِب تائين اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ ويهندا هئا. بعدِ مغرِب عشاء تائين ۽ عشاء کان پوءِ ٻارهن (12) بجي تائين اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ فتويٰ نَويسي(فتويٰ لکڻ) جو ڪم انجام ڏيندا هئا. هن کان پوءِ گهر واپَسي ٿيندي هئي ۽ ڪجهہ تحريري ڪم ڪرڻ کان پوءِ تقريباً بہ (2) بجي رات ۾ آرام ڪندا هئا.اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي حياتي جي آخر تائين يعني ڪم وبيش ڏهہ (10) سالن تائين روزانو جو اهو ئي معمول رهيو. صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرت علاّمہ مولانامفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هن سخت محنت ۽ عزم واستقلال کان اُن دَور جا وڏا وڏا عالم حيران هئا.

(تذکره صدرُ الشريعہ، ص ١٧-١٦)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بريلي شريف ۾ صدرُ الشّريعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ذِمّي



www.dawateislami.net

۾ (2) مستقل ڪم هئا، هڪ مدرَسي ۾ تدريس(يعني پڙهائڻ)، ٻيو پريس جو ڪم، ڪتابن جي روانگي، خطن جا جواب، آمد وخرچ جو حساب، اهي سڀ ڪم اڪيلا ئي ڪندا هئا. انهن ڪمن کان علاوه فتوئن جي نقل ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ رهي، فتويٰ لکڻ، اهو ڪم به مستقل طور تي انجام ڏيندا هئا. پوءِ شهر ۾ ٻين شهرن جا اڪثر تبليغ دين جي جلسن ۾ به شرڪت ڪندا هئا. (تذکرهٔ صدرُ الشريعه،ص۱۵)

مصنِّف بھی، مقرِّر بھی، فَقیہِ عصرِ حاضِر بھی
وہ اپنے آپ میں تھا اِک ادارہ علم و حکمت کا

(ماهنامه اشرفيه، صدرُ الشريعه نمبر،ص۲۸٦)

شعر جي سمجهاڻي! هن شعر جو مطلب هي آهي ته حضرت علامہ مولانا مُفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ئي وقت ۾ مُصنّف به هئا، يعني ڪتاب به لکندا، بيان به ڪندا ۽ پنهنجي وقت جا تمام وڏا عالِم به هئا، پاڻ پنهنجي ذاتِ پاڪ ۾ علم جو اِدارو هو. سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته صدرُ الشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سڀ ڏينهن ۾ ڪوڙ سارن ڪمن کي احسن طريقي سان بآساني سرانجام ڏيندا هئا. ٿورو سوچيو ته جيڪڏهن اسان مان ڪنهن کي ايتريون ذميداريون ڏنيون وڃن ته پنهنجي ٻين مصروفيتن جو سوچي شايد اسان اهي ذميداريون وٺڻ کان معذرت ڪري ونون چوته گهٽ وقت ۾ وڌيڪ معاملن کي بهترين طريقي سان ادا ڪرڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالھ ناهي ۽ پوءِ انهن سڀني مصروفيتن جي باوجود پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خوفِ خدا ۽ اتباعِ



www.dawateislami.net

شريعت جي جذبي جو هي عالِم هو جو سڄو ڏينهن مختلف ديني ڪمن ۾ مصروف رهڻ جي باوجود بہ نماز جي ادائيگي کان غافل نہ ٿيندا هئا، نماز سان سندن محبت جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ شديد بيماري جي حالت ۾ بہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نماز ترڪ ڪرڻ پسند نہ ڪندا هئا ايستائين جو هڪ ڀيري بيهوشي جي سبب نماز جو وقت ويندو رهيو، اک کلڻ تي جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي خبر پئي تہ نماز جو وقت تہ نڪري چڪو آهي يعني نماز قضا ٿي وئي تہ ان طرح غير اختياري طور تي نماز قضا ٿيڻ تي بہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي حالت ايتري قدر غير ٿي وئي جو اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا جيئن تہ،

## نماز جي پابندي

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّارؔ قادري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي "تذکرهٔ صدرُ الشريعه" ۾ نقل فرمائن ٿا: سفر هجي يا حَضَر صدرُالشَّريعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪڏهن بہ نَماز قضا نہ ڪندا هئا. شديد کان شديد بيماري ۾ بہ نماز ادا ڪندا هئا. اجمير شريف ۾ هڪ ڀيرو شديد بُخار ۾ مبتَلا ٿي ويا ايستائين جو غشي طاري ٿي وئي. ٻنپهرن کان پهريان غشي طاري ٿي وئي ۽ عصر تائين رهي. حافِظ ملّت مولانا عبدُالعزيز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خدمت جي لاءِ حاضِر هئا، صدرُ الشَّريعہ، بدرالطريقہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي جڏهن هوش آيو تہ سڀ کان پهريان پڇيائون تہ وقت ڇا ٿيو آهي؟ ظهر جو وقت آهي يا نہ؟ حافِظ ملّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه عرض ڪيو تہ ايترو وقت ٿيو آهي هاڻ ظهر جو وَقت ناهي. اهو ٻڌي ايتري اَذِيت پهچي جو اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا.حافِظ ملّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پڇا ڪئي تہ سائين کي ڪٿي درد آهي ڇا، ڪا تڪليف آهي؟ فرمايائون: (نهايت وڏي



www.dawateislami.net

تڪليف آهي جو ظهر جي نَماز قَضا ٿي وئي.حافِظ ملّت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ عرض ڪيو: حُضور(اوهان تہ) بيهوش هئا. بيهوشي جي عالَم ۾ نَماز قضا ٿيڻ تي ڪو مواخذو (پڇا ڳاڇا) ناهي. فرمايائون: اوهان مواخذي جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيو مقرر وقت تي دربارِ الٰهي ۾ هڪ حاضِري ڪان تہ محروم رهيس.

(تذکرہ صدرُ الشریعہ،ص۳۰)

میں پانچوں نَمازیں پڑھوں باجماعت ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی

(وسائل بخشش(مُرَمَّم)،ص۱۰۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪا حڪايت اسان هينئر ٻڌي ان ۾ خاص ڪري انهن ماڻهن جي لاءِ درسِ عبرت آهي جيڪي صدرُ الشريعہ رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي عظمتن جا ڳڻ ڳائيندا آهن ۽ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي عقيدت ۽ محبت جي دعوي ڪندا آهن پر افسوس تہ پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جهڙي مدني سوچ اپنائڻ کان قاصر هوندا آهن چوتہ اهڙن جا قيمتي ڏينهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ٻڌايل ڪمن ۾ خرچ ٿيڻ جي بدران ڪلاڪن جا ڪلاڪ تاش، لُڊو، پتنگ بازي، ڪرڪيٽ، فٽ بال ۽ ويڊيو گيمز کيڏڻ يا ڏسڻ، چوڪن يا هوٽلن وغيره تي ويهي ڪچهري ڪرڻ، فلمون ڊراما ڏسڻ، موسيقي ٻڌڻ يا وري موبائل،ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ،سوشل ميڊيا (Social Media) جي فضول استعمال ۾ برباد ٿي ويندا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وقت ضائع ڪرڻ وارا ڪي ڪم:

♣ ٽيليفون(موبائل)، انٽر نيٽ، سوشل ميڊيا(Social Media) جو غير



www.dawateislami.net

ضروري اِستعمال ♣ ماڻهن سان غير ضروري ميل جول♣ فُضُول گفتگو (يعني جنهن جو نہ کو دِيني فائدو هجي يا نہ دُنيوي) ۾ لڳل رهڻ ♣ روزمَرّہ جي معمولات جو جائزہ نہ وٺڻ ♣خلوت نشيني کان اِجتناب (يعني الڳ ٿلڳ رهڻ کان بچڻ) ♣ وڏيک سمهڻ ♣ جاڳي واڳي سُستي کندي معاملات ۾ تاخير کرڻ ♣ کنهن کان کجھ سکي يا ٻين جي تجربن کان فائدو وٺڻ جي بدران هر شيءِ جو پاڻ تجربو کرڻ (چوتہ اهڙي طرح وقت کافي صَرف ٿيندو آهي جڏهن تہ کنهن جي تجربن کان فائدو کڻڻ ۾ وقت جي بچت کري سگهجي ٿي) ♣ طي شده وقت تي کم ختم نہ کرڻ ♣ وقت هئڻ جي باوجود بہ وقت جي کمي بابت دانهون کرڻ ♣ بُري دوستي ۽ بُري صحبت ۾ رهي وقت کي برباد کرڻ وغيرہ.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهڙي طرح جي معاملات ۾ مشغول رهڻ واري غالب اکثريت نماز جهڙي اهم فرض کي بہ مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ترک کرڻ ۾ کنهن قسم جي شرمندگي محسوس ناهي کندي. ياد رکو! بِلا وجہ شرعي نماز نہ پڙهڻ گناهہ ۽ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو کم آهي.احاديثِ مبارکہ ۾ نماز ڇڏڻ بابت سخت ترين وعيدون بيان کيون ويون آهن. اچو! بطورِ عبرت نماز ڇڏڻ بابت هک حديثِ پاک ۽ ان جي شرح ٻڌون ٿا، ٻڌو ۽ خوفِ خدا مان ڏکي وجو جيئن تہ

نبي کريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: "جيکو شخص پنجن (فرض) نمازن جي حفاظت کندو ان جي لاءِ نماز قِيامت جي ڏينهن نور، دليل ۽ ڇوٽکارو هوندي ۽ جيکو ان جي حِفاظت نہ کندو ان جي لاءِ قِيامت جي ڏينهن نہ نور هوندو ۽ نہ دليل ۽ نہ ئي ڇوٽکارو ۽ اهو شخص



www.dawateislami.net

قِيامت جي ڏينهن فِرعون، قارون، هامان ۽ أُبَيِّ بن خَلَف سان گڏ هوندو.”
(جمع الجوامع،حرف الخاء،الخاء مع الميم،۲۵۹/۴، حديث:۱۱۶۶۱)

مُفَسّرِ شَهير، حڪيم الأُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ بيان ڪيل حديثِ پاڪ جي شرح ڪندي حديثِ پاڪ جي هن حصي”جيڪو شخص نماز جي(حفاظت ڪري“ جي وضاحت ۾ ارشاد فرمائن ٿا: اهڙي طرح جو نماز هميشہ پڙهي، صحيح پڙهي، دل لڳائي اخلاص سان ادا ڪري. (مفتي صاحب رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ حديثِ پاڪ جي هن حصي”ان جي لاءِ نماز قِيامت جي ڏينهن نور، دليل ۽ ڇوٽڪارو هوندي“ جي شرح ۾ فرمائن ٿا) قيامت ۾ قبر بہ داخل آهي ڇوتہ موت بہ قيامت ئي آهي. مطلب اهو آهي تہ نماز قبر ۾ ۽ پُل صِراط تي روشني ٿيندي جو سجدي واري جڳهہ تيز بيٺري جيان چمڪندي ۽ نماز ان جي مؤمن هئڻ بلڪ اللہ عَزَّوَجَلَّ کي سڃاڻڻ وارو هئڻ جي دليل ٿيندي، نيز ان نماز جي ذريعي سان ان کي هر هنڌ نجات ملندي ڇوتہ قيامت ۾ پهريون سوال نماز جو ٿيندو جيڪڏهن ان ۾ پاڻهو ڪامياب ٿي ويو تہ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ اڳتي بہ ڪامياب ٿيندو. (حديثِ پاڪ جي هن حصي”اهو شخص قِيامت جي ڏينهن فِرعون، قارون، هامان ۽ أُبَيِّ بن خَلَف سان گڏ هوندو.“جي وضاحت ڪندي مفتي صاحب فرمائن ٿا تہ) أُبَي بِن خَلَف اهو مشرڪ آهي، جنهن کي نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم أحد جي ڏينهن پنهنجي هٿن سان قتل ڪيو. ان ۾ اشارةً فرمايو ويو تہ بي نمازي جو حشر انهن ڪافرن سان ٿيندو ۽ نمازي مؤمن جو حشر اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ نبين سڳورن عَلَیْہِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام، صدّيقن، شهيدن ۽ نيڪن عَلَیْہِم رَحمَةُ اللہِ المُبِین سان ٿيندو. ان سان اهو لازم نٿو اچي تہ بي نمازي ڪافر ٿي وڃي ۽ نمازي نبي، بلڪ بي نمازي کي قيامت ۾ انهن ڪافرن



www.dawateislami.net

سان گڏ بيهاريو ويندو ،جيئن ڪنهن شريف ماڻهو کي ذليل سان گڏ ويهاريو وڃڻ ان جي ذِلّت آهي. خيال رهي تہ قيامت ۾ هر شخص جو حشر ان سان گڏ ٿيندو، جنهن سان ان کي دنيا ۾ محبت هئي ۽ جهڙي طرح جا اهو ڪم ڪندو هو. بي نمازي (نماز نہ پڙهي) جيئن تہ ڪافرن جهڙا ڪم ڪري ٿو ان ڪري ان جو حشر بہ انهن سان گڏ ٿيندو، نمازي جيئن تہ انبياءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ صِدِّيقِن رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمْ اَجْمَعِیْن جي نقل ڪندو آهي لهٰذا ان جو حشر انهن سان گڏ ٿيندو، ان ڪري چيو ويندو آهي تہ چڱن جي نقل بہ چڱي ۽ بُرن جي نقل بہ بُري. (مرآة المناجيح،۱/۳۶۸-۳۶۷ملتقطاً وبتغير قليل)

بعض عالم سڳورن ارشاد فرمايو: نماز ڇڏڻ وارو انهن چئن (4) (يعني فرعون، قارون، هامان ۽ اُبي بن خَلَف) سان گڏ ان ڪري اٿاريو ويندو جو ماڻهو عام طور تي دولت، حڪومت، وَزارت ۽ تِجارت جي ڪري نماز کي ڇڏي ڏيندا آهن. ۽ جيڪڏهن ان پنهنجي مال ۾ مصروف هئڻ سبب نماز ڇڏي تہ اُن جو حشرقارون سان گڏ ٿيندو، جيڪو **حڪومت** جي مَشغُولِيّت جي سبب نماز ڇڏي ان جو **فرعون** سان حشر ٿيندو، وَزارت جي سبب نماز ڇڏي تہ ان جو حشر( فرعون جي وزير) هامان سان گڏ ٿيندو ۽ جيڪڏهن تجارت جي سبب نماز ڇڏي تہ ان جو حشر مَڪۂ مڪرَّمہ جي تمام وڏي ڪافِر واپاري اُبَي بِن خَلَف سان گڏ ٿيندو

(الزواجر عن اقتراف الكبائر،الكبيرة السابعة السبعون:تعمد تاخير الصلاة ...الخ، ۱/۲۸۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صدرُ الشريعہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي ديني خدمتن ۽ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي سيرت ۽ ڪردار بابت وڌيڪ معلومات جي لاءِ شيخ



www.dawateislami.net

طريقت،امير اهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جو تحريري رسالو "تذکرۂ صدرُ الشريعه" جو مطالعو فرمايو ۽ صدرالشّريعه جي دِيني خدمتن جو صحيح اندازو تڏهن ٿيندو جڏهن اسان بهارِ شريعت جو مطالعو ڪنداسين ۽ بهارِ شريعت ۾ ڇا آهي بڌو.

## بهارِ شريعت جو تعارف:

♣ بهارِ شريعت،صَدرُالشَّريعہ بدرُ الطَّريقہ مُفْتي محمد اَمجد علي اَعْظَمي رَحْمَةُ اللهِ تعالىٰ عَلَيْه جي علمي ڪارنامن ۾ سرِ فهرست آهي. ♣ بهارِ شريعت، ڪوڙ سارن علمن جو مجموعو (Encyclopedia) آهي. ♣ بهارِ شريعت، اُردُو زبان ۾ عَقائد ڪان وٺي مُعاملات تائين جي تمام ضَروري مَسائل جو مجموعو آهي.♣ بهارِ شريعت ۾ سوين آيتون ۽ هزارين حديثون بہ موضوع جي مُناسَبَت سان لکيل آهن .♣ بهارِ شريعت ۾ حتي الامڪان اهي اقوال بيان ڪيا ويا آهن جن تي فتويٰ ڏنو ويندو آهي.♣ بهارِ شريعت،پاڪ ۽ هند جي مُسلمانن تي صَدرُالشَّريعہ جو تمام وڏو احسان آهي جو ڪيئي فِقْهي مَسائل کي هڪ هنڌ تي گڏ ڪيو ويو آهي .♣ بهارِ شريعت ۾ بي شُمار مَسائل اهڙا بہ آهن جنهن جو سکڻ هر اسلامي ڀاء ۽ اِسلامي ڀيڻ تي فرضِ عَين آهن. ♣ بهارِ شريعت جي حوالي سان صَدرُ الشَّريعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: اُردو زبان ۾ اجا تائين ڪو اهڙو ڪتاب تصنيف ناهي ٿيو، جيڪو صحيح مسائل تي مشتمل هجي ۽ ضَروريات جي لاءِ ڪافي هجي.♣ بهارِ شريعت ۾ وس آهر اها ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ عِبارَت نهايت آسان هجي تہ جيئن سمجهڻ ۾ دِقَّت نہ ٿئي ۽ گهٽ علم ۽



www.dawateislami.net

عورَتون ۽ ٻار بہ هن مان فائده حاصل ڪري سگهن“. ♣ بهارِ شريعت ۾ جابجا فرض عُلُوم سان گڏ، قُرآني آيتن جا اَنوار، احاديثِ مبارڪہ جا گُلزار ۽ هر حصّي ۾ پکڙيل بي شُمار خُوشبودار شَرعي مَسائل پنهنجي مهڪ لُٽائي رهيا آهن. ♣ بهارِ شريعت کي پڙهڻ سان نہ صِرف دل و دِماغ روشن ٿيندا آهن بلڪ ڪيئي مُعامَلات ۾ شَرعي رَهنُمائي بہ نصيب ٿيندي آهي.♣ بهارِ شريعت ساده ايڊيشن ٽن(3) جلدن ۾ ۽ رنگين جهيز ايڊيشن ڇهہ (6) جلدن ۾ مڪتبة المدينہ تان هدية حاصل ڪري سگهجي ٿو. ♣ بهارِ شريعت کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان رِيڊ(يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت،اميرِ اهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّارؔ قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه صدرُ الشريعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا سچا پيروڪار ۽ عقيدت مند ۽ سندن دِيني خدمتن کي نهايت قدر جي نگاه سان ڏسندا آهن اهو ئي سبب آهي جوپاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو بہ ديني ڪمن ۾ مشغول رهڻ جو معمول آهي جڏهن تہ پنهنجي مريدن ۽ لاڳاپيلن ۾ پنهنجي سُنّتن ڀرين بيانن ۽ مدني مذاڪرن جي ذريعي خدمتِ دين جي لاءِ انهن کي بہ وقت بوقت مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺڻ جي ترغيب ڏياريندا رهندا آهن ۽ انهيءَ مقصد جي تڪميل جي لاءِ پنهنجي اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72 مدني انعامات ۾ اهڙي طرح جو هڪ سوال بہ شامل فرمايو آهي جيئن مدني انعام



www.dawateislami.net

نمبر 23 ۾ فرمائن ٿا ته ڇا اڄ اوهان دعوتِ اسلامي جي مَدَني ڪمن (مثال طور انفرادی ڪوشش، درس ۽ بيان، مدرسة المدينه بالغان وغيره) ۾ گهٽ مان گهٽ به(2) ڪلاڪ صَرف ڪيا؟

مدني ڪمن جي لاءِ گهٽ مان گهٽ ٻہ ڪلاڪ ڏيڻ جو طريقو هي آهي تہ پنهنجي نگران جي مشاورت سان انهن ٻن ڪلاڪن جو باقاعده جدول ٺاهيو وڃي، جنهن ۾ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شرڪت هجي، مثال طور مدني درس، مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ يا پڙهائڻ، مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلن ۾ سفر جي لاءِ اِنفرادي ڪوشش ڪرڻ وغيره.

الله عَزَّوَجَلَّ صدرُ الشريعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي صدقي اسان کي بہ مدني ڪمن ۾ حصو وٺڻ جي تڙپ ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ استقامت نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوش نصيب هوندا آهن اهي ماڻهو جيڪي دِيني اعتبار سان شهرت جي بلندين تي هئڻ جي باوجود بہ پنهنجي پير ومرشد جي دامن کي ٽنا ڇڏين ۽ آخري دم تائين وفا شعار مريدن وانگر ”يک در گير و محکم گير يعني هڪ دروازو پڪڙ ۽ مضبوطي سان پڪڙ“ جي مُطابق مرشِد جا ٿي رهندا آهن، مرشدِ ڪريم حياتِ ظاهري سان مُتَّصِف هجن يا پردو فرمائي چڪا هجن ٻنهي صورتن ۾ ان جي وفا شعاري جي مدني جذبي ۾ ذري برابر بہ ڪمي واقع ناهي ٿيندي ايستائين جو پير و مرشد سان نسبت ۽ تعلق رکڻ واريون شيون بہ انهن کي حد کان وڌيڪ



www.dawateislami.net

محبوب هونديون آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ صدرُ الشريعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو شمار بہ اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي لاڏلي ۽ باوفا مريدين ۾ ٿيندو هو جن جي قابليت تي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جهڙي هستي کي بہ هميشہ ناز رهيو. پير و مرشِد سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي محبت ۽ وفاداري جو اندازو هن ڳالهہ ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ڊگهي عرصي تائين بريلي شريف ۾ رهائش پذير رهيا جڏهن تہ پنهنجي مخلصانہ دِيني خدمتن جي سبب عوام ۽ خواص ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه منفرد حيثيت رکندا هئا، جيڪڏهن چاهن ها تہ ان جي ذريعي پنهنجي لاءِ تمام گهڻي دولت ۽ جائيداد گڏ ڪري سگهيا ٿي پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي غيرت ائين ڪرڻ کي پسند نہ ڪيو ايستائين جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجو ڪو ذاتي گهر پڻ نہ ٺايو بلڪ بريلي شريف ۾ پير و مرشِد جي جلوه فرما هئڻ جي سبب پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان کي پنهنجو گهر تصور ڪري ورتو هو. مرشِدِ ڪريم جي اُلفت ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ايتري قدر فنا ٿي چڪا هئا جو جيڪڏهن جو اوهان جي علمي ڪارنامن ۽ صلاحيتن جي ساراهہ ڪندو هو تہ خوشي ۾ آڪڙجڻ ۽ انهن ڪارنامن ۽ صلاحيتن کي پنهنجو ڪمال تصور ڪرڻ جي بدران پنهنجي پير و مرشِد يعني اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو فضل ۽ ڪرم سمجهندا هئا جيئن

## مُرشد جي آستاني سان وفا

هڪ ڀيرو ڪنهن شخص تاجدارِ اهلسنّت، مفتي اعظم هند، شهزاده اعليٰ حضرت علامہ مولانا مصطفيٰ رضاخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي سامهون صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرتِ علّامہ مولانامفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو تذڪرو ڪيو تہ مفتي اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مبارڪ اکين مان



www.dawateislami.net

لڙڪ وهڻ لڳا ۽ فرمايائون تہ صدرُ الشَّريعہ رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه پنهنجو ڪو گهر نہ ٺاهيو بريلي ئي کي پنهنجو گهر سمجهيو. اهي صاحبِ اثر بہ هئا ۽ شاگردن جي وڏي تعداد جا اُستاذ پڻ، اهي چاهن ها تہ آساني سان ڪو ذاتي دار العلوم اهڙو کولي وٺن ها جنهن ۾ اهي اڪيلا ئي قابض رهن ها پر انهن جي خلوص ائين ڪرڻ نہ ڏنو. دار العلوم مُعِينِيہ عُثمانيہ (اجمير شريف) ۾ اتي جا صدرُ المدَرّسين تي جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه پهتا ۽ اتي جي ماڻهن پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي اندازِ تدريس(يعني پڙهائڻ جي انداز) سان گهڻا متأثر ٿيا تہ پاڻرَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي سامهون ان جو ذِڪر ٿيو تہ اوهان جي تعليم نهايت ڪامياب ٿيندي نظر اچي رهي آهي اهو مرڪزي دارالعلوم سر بلند ٿيندو پيو وڃي. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمايائون: ”اهو مون تي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جو فضل ۽ڪرم آهي۔“ (تذڪرۂ صدرُ الشريعہ،ص۲۴-۲۳)

احمد رضا نے جس کو دعا میں کہا میرا
امجد یقیناً مجد میں پکا ہے آج بھی

ثابت کیا ہے صدرُ الشّریعہ نے بالیقین
احمد رضا کی شمع فروزاں ہے آج بھی

(آدابِ مرشدِ کامل،ص۲۳۲)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دارُ الاِفتا اهلسنت جو قِيام

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** شيخ طريقت،اَمِيرِاَهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي فيضانِ نظر سان اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ 15 شَعبانُ الۡمُعَظَّمۡ ۱۴۲۱ ھ تي تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تَحريڪ دعوتِ اسلامي جي تَحت دارُالاِفتا اَهلسنّت جو آغاز ٿيو، اهي ستون لڪڻ تائين ان جون 10شاخون قائم آهن، ڏکويل اُمّت جي شرعي رَهنمائي جو سلسلو جاري و ساري آهي، دارُالاِفتا اَهلسنّت ۾ نہ صرف ملاقات ڪري سگهجي ٿي بلڪ



www.dawateislami.net

تحريري فتويٰ بہ طلب ڪري سگھجي ٿو ۽ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٹ www.dawateislami.net تي دارالافتاء اهلسنّت آن لائن جي سهولت بہ موجود آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ 100 فيصداسلامي چينل"مدني چينل" تي بہ دارالافتاء اهلسنّت جا سلسلا علمِ دين سان مالا مال قيمتي مدني گل پنهنجي خوشبوئون لٽائي رهيا آهن.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مَچی ہو
(وسائلِ بخشش مُرمّم،۳۱۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان جي مڪي مدني آقا صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اِمَامُ الاَنْبِيَاء جي مرتبي تي فائز هئڻ جي باوجود ايتري قدر عاجزي ۽ انڪساري وارا هئا جو پنهنجي گھر جي ڪم ڪار ۾ بہ اڳتي وڌي حصو وٺندا هئا جيئن حضرت سَيدُنا ابو سعيد خُدري رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ارشاد فرمائن ٿا:حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي گھريلو ڪم پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان ڪندا هئا. پنهنجي خادمن سان گڏ ويهي ماني کائيندا هئا ۽ گھر جي ڪمن ۾ پنهنجي خادمن جي مدد بہ ڪندا هئا. (الشفاء ، فصل واما تو اضعہ،۱۳۲/۱مفہوماً)

اسان جا اسلافِ ڪرام عَلَيْهِم رَحْمَۃُ اللّٰہِ السَّلَام بہ سُنّتن تي عمل جا شيدائي هوندا هئا تنهن ڪري سنّت تي عمل جي جذبي جي تحت اهي حضرات گھر جو ڪم ڪار بہ خوشي خوشي پنهنجن هٿن سان سرانجام ڏيندا هئا جيئن تہ حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْہ ارشاد فرمايو: هڪ تابعي بزرگ فرمائن ٿا: مون اميرُ الْمُؤمِنِين حضرت سَيدُنا علي المُرتَضٰي ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْهَہُ الْڪَرِيم کي ڏٺو تہ پاڻ ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْهَہُ الْڪَرِيم هڪ هڪ دِرهم جو گوشت



www.dawateislami.net

خريد ڪيو ۽ ان کي پنهنجي چادر ۾ ڪٽي ورتو مون عرض ڪيو: اي امير المؤمنين! اهو مون کي ڏيو مان کٽي هلان ٿو،فرمايائون: نہ، عِيال دار ماڻهو (يعني ٻارن ٻچن وارن) کي گهرجي تہ اهو (پنهنجو سامان) پاڻ ئي کٽي وٺي. (احياء العلوم،۳/ ۱۰۵۰)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ صدرُ الشريعہ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ جيئن تہ عاشقِ خير الوريٰ ۽ يادگارِ اسلاف هئا، لهٰذا ڏينهن رات مسلسل ديني مشاغل ۾ مصروف رهڻ جي باوجود پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه انهيء سنّت تي عمل ڪندي گهر جي ڪم ڪار ڪان عار محسوس نہ ڪندا هئا بلڪ سنّت تي عمل جي نيت سان انهن (ڪمن) کي خوشي سان ڪندا هئا. ۽ گهر ۾ سبزيون چهليندا، ڪٽندا ۽ ٻيا ڪم بہ ڪندا هئا. (ماہنامہ اشرفیہ،صدرُ الشریعہ نمبر،ص۵۴،ملخصاً،بتقدم وتاخر)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بدقسمتي سان ڪي ماڻهو مصروفيت جو بهانو بڻائي يا ائين ئي گهر جي ڪم ڪار ۾ حصو وٺڻ ۾ شرم محسوس ڪندا آهن جڏهن تہ ڪجھ ماڻهو ان ڪم کي پنهنجي شان جي خلاف تصور ڪندا آهن، ٻاهر تہ عاجزي ۽ ملنساري جا پيڪر بڻجي ويندا آهن جڏهن تہ گهر اندر ايندي ئي پنهنجو رُعب ۽ دٻدٻو ڏيکاري ۽ ٻبر شير جيان رڙيون ڪندا آهن، بالفرض ڪڏهن انهن کي گهر جي ڪنهن ڪم جي ذميداري سونپڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ ڪاوڙ ۾ ڳاڙها ٿي ويندا آهن ۽ منهن ڦٽائي ۽ ٻڙ ٻڙ ڪندي ان ڪم کي ڪرڻ ڪان صاف انڪار ڪندا آهن، اسان سڀني کي گهرجي تہ هرگز هرگز گهريلو ڪم ڪار ڪان جند نہ ڇڏايون بلڪ پياري آقا مڪي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻين سُنّتن سان گڏوگڏ گهريلو ڪم ڪرڻ واري پياري پياري سنّت تي بہ عمل ڪندا رهون.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرت علّامہ مولانامفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي ديني خدمتن جي باري ۾ ٻڌڻ جو شرف حاصل ڪيو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دِينِ متين جي خدمت سان سرشار هن عظيم هستي 27 سال جي عرصي ۾ آيتن ۽ حديثن سان مالامال، ڪتبِ فقہ مان چونڊي چونڊي فقهي مسائل کي گڏ ڪري هڪ عظيم الشان تصنيف بنام ”بهارِ شريعت“ کي مرتب فرمايو جڏهن تہ پنهنجي پير و مرشد اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ سان ترجَمہ قرآن” کنز الايمان“ لکائڻ جو شرف حاصل ڪيو. پير ومرشد سان محبت ۽ وفاداري جو ثبوت ڏيندي پاڻ تادمِ حيات شهر مرشد ئي کي پنهنجي رهائش گاه بڻائي رکيو، تمام گهڻي مصروفيت جي باوجود پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ حالتِ مرض ۾ بہ ڪڏهن بہ نماز کي نہ ڇڏيائون ۽ سنّت جي ادائيگي جي نيت سان گهر جو ڪم ڪار بہ خوشي سان ڪندا هئا. الله تعاليٰ اسان کي بہ صدرُ الشريعہ رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جهڙي مدني سوچ ۽ جذبو عطا فرمائي تہ جيئن اسان بہ خدمتِ دين جي لاءِ تڙپڻ وارا ، پنهنجي پير و مرشد جا سچا پڪا وفادار ۽ پنهنجي گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ واري پياري سنت تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت



www.dawateislami.net

ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[2]

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## جُتي پائڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت،امير اهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطارقادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ جي رسالي ”101 مدني گل“ مان جُتي پائڻ جون سنتون ۽ آداب :پهريان بہ فرامينِ مصطفي ملاحظه فرمايو:

♣ جتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان ڪي جيستائين جتي پاتل هوندي آهي جڻ اهو سوار آهي-[3] (يعني ٿڪاوٽ گهٽ ٿيندي) ♣ جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي تہ ساڄي کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي تہ کابي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي-.[4] **نُزهَةُ القاري** ۾ آهي: مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت حڪم هي آهي تہ پهرين ساڄو پير مسجد ۾ رکي ۽ جڏهن مسجد کان نڪري تہ پهرين کابو پير باهر ڪڍي، مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ان (جتي پائڻ جي ترتيب واري) حديث تي عمل دشوار آهي. **اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن ان جو حل هن طرح ارشاد فرمايو: جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيو تہ پهرين کابو پير ڪڍي ڪري جُتي جي مٿان رکي پوءِ ساڄو پير جُتي مان ڪڍي مسجد ۾ داخل ٿئي، ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر ٿيو تہ کابو پير ٻاهر ڪڍي جتي تي رکو پوءِ

---

[2] ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵
[3] ...مُسلِم، ص۱۱۶۱،حديث:۲۰۹۶
[4] ...بُخارى،۶۵/۴،حديث:۵۸۵۵



www.dawateislami.net

ساجو پير کڍي ڪري ساجو جوتو پايو پوءِ کابو پائي ونو.[5] ♣ جُتي پائڻ کان پهرين چنڊبي ونو تہ جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي تہ نڪري وڃي ♣ ڪنهن حضرت سيِّدتُنَا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرداڻي عورتن تي لعنت فرمائي آهي.[6] صدرُالشَّريعہ، بدرالطَّريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: يعني عورتن کي مرداڻا جوتا نہ پائڻ کپن. بلڪ اُهي تمام ڳالهيون جن ۾ مردن ۽ عورتن ۾ امتياز ٿيندو آهي انهن ۾ هر هڪ کي ٻين جي وضع قطع اختيار ڪرڻ (يعني نقل ڪرڻ) جي ممانعت آهي، نہ مرد عورت جي وضع اختيار ڪري نہ عورت مرد جي.[7]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِشريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتين ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

تری سُنّتوں پہ چل کر میری روح جب نکل کر چلے تو گلے لگانا مدنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[5] ... نزہۃ القاری،۵/۵۳۰

[6] ... ا بو داود، ۴/۸۴،حدیث:۴۰۹۹

[7] ...بہارِشریعت،حصّہ:۱۶،۳/۶۵بتغیر قلیل



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[8]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[9]

---

8...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

9...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[10]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[11]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[12]

---

[10]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[11]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[12]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[13]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[14]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[13] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[14] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net